# سکڻ سيکارڻ جي
## حلقن جو جدول
# پاڙيسري جا 3 حق

(قسط:2)



22 مئي 2025

# سکڻ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دعا ياد ڪرڻ: **5** منٽ

**(3):** جائزو: **5** منٽ ڪل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ سيکارڻ وارن حلقن ۾ **پاڙيسرين جا 3 حق** (قسط ٻي) سيکاريا ويندا ۽ **گهر مان نڪرڻ وقت جي دعا** ياد ڪرائي ويندي. آخر ۾ نيڪ اعمال جي رسالي مان اجتماعي جائزو پڻ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم!

# درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درود پاڪ پڙهڻ پل صراط تي نور آهي، جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي **80** ڀيرا درود پاڪ پڙهندو، ان جا **80** سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا. (1)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# پاڙيسرين جا 3 حق (قسط: 2)

## آيتِ مبارڪ

الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَالْجَارِ ذِی الْقُرْبٰی وَالْجَارِ الْجُنُبِ<br>(پارو: **5**، النساء: **36**) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ ويجهي پاڙي وارن ۽ پري جي پاڙي وارن (سان سٺو سلوڪ ڪريو). |

پاڙيسري ٻن قسمن جا آهن: **(1):** جنهن جي رهائش اسان جي ويجهو هجي، ان کي ويجهو پاڙيسري چئبو آهي. **(2):** جنهن جي رهائش اسان کان ڪجهه فاصلي

1...الترغيب فی فضائل الاعمال، باب مختصر من الصلاة علی رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم، صفحہ:14، حدیث:22۔

تي هجي، ان کي پري جو پاڙيسري چئبو آهي.[1] علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: گهر جي ساڄي پاسي، ڪابي پاسي، اڳيان ۽ پويان **40**، **40** گهر پاڙيسري آهن.[2] جيڪڏهن فليٽ وغيره ۾ رهندا آهيو ته مٿان ۽ هيٺان وارا گهر پڻ پاڙيسرين ۾ شامل آهن.

## فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اللّٰه پاڪ جو قسم اهو جنت ۾ نه ويندو جنهن جي شر کان سندس پاڙيسري محفوظ نه آهي.[3]

## پاڙيسرين جا 3 حق

پاڙيسري چاهي نيڪ هجي يا گنهگار، دوست هجي يا دشمن، اسان تي ان جا ڪيترائي حق آهن. جن مان **3** اسان اڳ ۾ سکي چڪا آهيون ۽ **3** اڄ سکنداسين. اچو ته! پهريان اڳ ۾ سکيل حق ورجايون ٿا: **(1):** پاڙيسريءَ جي ضرورت پوري ڪرڻ **(2):** بيمار هجي ته عيادت ڪرڻ **(3):** غمخواري ڪرڻ

وڌيڪ **3** حق جيڪي اڄ سکنداسين:

### پهريون حق: احسان ڪرڻ

**وضاحت:** بغير بدلي جي نيڪي کي احسان چئبو آهي.[4] يعني سامهون واري کان شڪريي يا بدلي جي اميد رکڻ کان سواءِ صرف ۽ صرف اللّٰه پاڪ جي رضا جي لاءِ ان سان نيڪي ۽ ڀلائي ڪرڻ کي احسان چئبو آهي. مثال طور:

- پاڙيسري تنگدست آهي ۽ پنهنجن ٻارن کي سُٺي تعليم نه ٿو ڏياري

---

1…تفسير مدارک التنزيل، پاره:5، سورة النساء، تحت الآيت:36، جلد:1، صفحه:357۔
2… نعيمي، پاره:5، سورة النساء، تحت الآيت:36، جلد:5، صفحه:84۔
3….مسلم، کتاب الايمان، باب بيان التحريم ايذاء الجار، صفحه:41، حديث:46۔
4….لمعات التنقيح، کتاب الايمان، جلد:1، صفحه:208، تحت الحديث:2۔

سگھي، تہ ان جي ٻارن کي سٺي تعليم ڏيارڻ. ۞ پاڙيسري وٽ پنهنجي پيٽ يا ڌيءَ جي شادي جي لاءِ وسيلا نہ آهن تہ اهي وسيلا مهيا ڪري ڏيڻ ۞ پاڙيسري بيمار آهي ۽ علاج نہ ٿو ڪرائي سگھي تہ ان جو علاج وغيره ڪرائڻ. نبي ڪريم، رئوف الرحيم ﷺ فرمايو: جيڪو الله ۽ آخرت تي ايمان رکندو آهي، ان کي گھرجي تہ پنهنجي پاڙيسري تي احسان ڪري. (1)

## ٻيو حق: تڪليف نہ ڏيڻ

**وضاحت:** ان ڳالھ جو خيال رکڻ گھرجي تہ اسان جي طرفان پاڙيسري کي ڪنهن بہ قسم جي تڪليف نہ پهچي، نہ هٿن سان، نہ زبان سان، نہ ڪردار سان. پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ ﷺ جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو ويو: يا رسول الله ﷺ! فلاڻي عورت ڏينهن جو روزو رکندي آهي، رات جو قيام ڪندي آهي (نمازون بہ پڙهندي آهي) ۽ پنهنجن پاڙيسرين کي تڪليف بہ پهچائيندي آهي. پاڻ ﷺ فرمايو: اها (عورت) جهنمي آهي. (2)

**مختصر شرح:** يعني پاڙيسرين کي تڪليف ڏيڻ جهنمين جو ڪم آهي، جيڪڏهن اها عورت پنهنجي هن ڪم کان توبهہ نہ ڪري (يعني پاڙيسرين کان معافي ۽ تلافي نہ ڪري) تہ جهنم ۾ ويندي، ان جا نفل ڪم نہ ايندا، ڇو تہ نفلن سان ماڻهن جا حق معاف نہ ٿيندا آهن. (3)

## ٽيون حق: جنازي تي حاضر ٿيڻ

**وضاحت:** خدا نہ ڪري جيڪڏهن پاڙيسري يا ان جو ڪو عزيز وفات ڪري وڃي تہ ان جي غم ۾ مڪمل شرڪت ڪرڻ، غسل ۽ ڪفن کان وٺي تدفين تائين،

1....مسلم ،كتاب الايمان،باب الحث على اكرام الجار والضَّيف ،صفحہ:42،حديث:48-

2....شعب الايمان،باب فی اكرام الجار ،جلد:7،صفحہ:79،حديث:9546-

3....مرآة المناجيح ،جلد:6 ،صفحہ:577،بتغير قليل -

جنهن جنهن معاملي ۾ ان کي اسان جي ضرورت هجي، ساٿ نڀائڻ گهرجي! ياد رکو! نمازِ جنازه فرض ڪفايہ آهي (يعني ڪجهه ماڻهن پڙهي ورتي تہ سڀني جو فرض ادا ٿي ويو پر جيڪڏهن ڪنهن بہ نہ پڙهي تہ جنهن جنهن کي خبر پئي اهي سڀئي گنهگار ٿيندا)۔ [1] نمازِ جنازه پڙهي دفن ڪرڻ لاءِ قبرستان تائين وڃڻ بہ پاڙيسريءَ جو حق آهي.

## سِکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دعا

# گهر مان نڪرڻ وقت جي دعا

بِسْمِ اللّٰہِ تَوَکَّلْتُ عَلَی اللّٰہِ لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّۃَ اِلَّا بِاللّٰہِ

**ترجمو:** اللہ پاڪ جي نالي سان، مون اللہ پاڪ تي ڀروسو ڪيو گناهہ کان بچڻ جي قوت ۽ نيڪي ڪرڻ جي طاقت صرف اللہ پاڪ جي طرف کان ئي آهي. [2]

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

روزانو **56** نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان اڳ ۾ نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوْرَۃُ الْمُلْك پڙهي يا ٻڌي ورتي؟ **(5):** هر نماز کان پوءِ آيةُ الڪرسي، تسبيحِ فاطمہ، سُوْرَۃُ الْاِخلاص پڙهيون؟ **(6):** ڪنز الايمان مان **3** آيتون يا صراطُ الجنان مان **2** صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8): 313** ڀيرا درود شريف پڙهيو؟ **(9):** اکين کي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪنن کي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نظري کان بچندي نگاهون جهڪائي رکيون؟ **(12): 12**

1....بهار شريعت ،جلد:1،جز :ب،صفحہ:825،حصہ:4،بتغير قليل ۔
2 ....سنن ابو داود ،ڪتاب الادب ،باب مايقول اذا خرج من بيتہ ،صفحہ:796،حديث:5096۔

منٺ مکتبة المدينہ جو اصلاحي کتاب پڙهيو؟ **(13):** آذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج کيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت کئي؟ **(17):** اوهان ۽ جي چئي ڳالهہ بولهہ کئي؟ **(18):** مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ **(19):** عشاء جي جماعت کان بعد ٻن کلاکن جي اندر گهر پهچي ويا؟ **(20):** ٻہ کلاک ديني کمن ۾ گذاريا؟ **(21):** فجر جي نماز جي لاءِ جاڳايو؟ **(22):** ٻين جي گهرن ۾ جهاتيون پائڻ کان بچيا؟ **(23):** گهر ۾ درس ٿيو؟ **(24):** مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(25):** سنت جي مطابق لباس پهريو؟ **(26):** زلفون رکڻ جي سنت تي عمل آهي؟ **(27):** هک مُٺ ڏاڙهي آهي؟ **(28):** گناهہ ٿيڻ جي صورت ۾ فوراً توبهہ کئي؟ **(29):** سنت جي مطابق کاڌو کاڌو؟ **(30):** مسلمانن کي سلام کيو؟ **(31):** کجهہ نہ کجهہ سنتن تي عمل کيو؟ **(32):** ظهر جون سنتِ قبليہ فرض کان اڳ ادا کيون؟ **(33):** تهجد يا صلوٰةُ الليل پڙهي؟ **(34):** اوابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهي؟ **(35):** عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ **(36):** **12** ديني کمن مان هک ديني کم جي ترغيب ڏياري؟ **(37):** ٻين کان گُهري کري شيون استعمال تہ نہ کيون؟ **(38):** کوڙ، غيبت ۽ چغلي کان بچيا؟ **(39):** کجهہ نہ کجهہ وقت مدني چينل ڏٺو؟ **(40):** ذاتي دوستيون تہ نہ کيون؟ **(41):** وقت تي قرض ادا کيو؟ **(42):** عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي دل تائيد نہ کري؟ **(43):** صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ **(44):** مسلمانن جي عيبن جي پردهہ پوشي کئي؟ **(45):** فجر کان پوءِ تفسير ٻڌڻ يا ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرکت کئي؟ **(46):** کجهہ نہ کجهہ جائز کمن کان اڳ ۾ بِسۡمِ‌الله پڙهي؟ **(47):** چوک درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(48):** والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب کيو؟ **(49):** اسراف کان بچيا؟ **(50):** ٽريفک جي قانونن جي پابندي کئي؟ **(51):** تنظيمي طريقيکار جي مطابق مسئلو حل کيو؟ **(52):** زبان جي گناهن کان

بچيا؟ **(53):** فضول ڳالهين کان بچيا؟ **(54):** مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۾ ٿهڪ ڏيڻ کان بچيا؟ **(55):** عمامو شريف ٻڌو؟ **(56):** ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قفلِ مدينہ جي ڪارڪردگي

۞ لکي ڪري ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ **12** دفعا ۞ اشاري سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ **12** دفعا ۞ نگاهون ملائڻ جي بغير گفتگو ڪرڻ **12** دفعا

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

**(57):** اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهر مان موڪليو؟ **(58):** هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ **(59):** هفتيوار اجتماع ۾ شروع کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ **(60):** يومِ تعطيل اعتڪاف ڪيو؟ **(61):** مريض يا ڏُکايل جي عيادت يا غمخواري ۾ ڪنهن جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ **(62):** هفتي ۾ ڪنهن بہ ڏينهن روزو رکيو؟ **(63):** هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ **(64):** علاقائي دورو ڪيو؟ **(65):** ٻهريان اچڻ واري ۾ هاڻي نہ ايندڙ اسلامي ڀاءُ کي ديني ماحول سان وابستہ ڪيو؟